# ساس سٽي سکر ڪام

# ”پارڙن لاءِ آکاڻيون“

## ترتيب ۽ سنوار : حبيب سنائي

# ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي سکر

# چيف ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري

0333.7146119

## هي ڪتاب، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ادبي سائيٽ

# وائيس آف سنڌ ڊاٽ نيٽ

## جي ٽورن سان پيش ڪجي ٿو.

**www.voiceofsindh.net**

www.sascitysukkur.com www.ebooks.sascitysukkur.com

# فهرست

## ابتدائي اکر

1. ٻاگهه پري
2. جانور ۽ ڦرهي وارو ڪانو
3. ادرڪ ماني وارو نينگر

# ابتدائي ٻه اکر

دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ ننڍڙن صغير ٻارن کي ايڏائي ٿن ورهين کان ئي آکاڻيون پڙهي ٻڌايون وينديون آهن، ۽ جڏهن هو پڙهڻ سکي ويندا آهن ته ڪين پاڻ پڙهڻ تي هيرايو ويندو آهي. منهنجا پنهنجا ٻار جڏهن ٽن سالن کي پڳا ته منهنجي دل گهريو ته ڪين انهيءَ عمر ۾ ئي ڪتابن سان مانوس ڪرائجي پر افسوس ته مون کي ڪو سنڌي ۾ ڪو بيڊ ٽائيم ڪهاڻين Bedtime stories وارو ڪتاب نه مليو. مون ته انگريزي ڪتابن تان ترجمو ڪري ڪم ڪڍيو آهي، پر ڪيترا سارا شخص ائين نٿا ڪري سگهن. هيءُ ڪتاب جيتوڻيڪ پنجن سالن کان وڏي عمر وارن ٻارن لاءِ آهي پر ان کي ٻه بيڊ ٽائيم اسٽوريز ڪتاب طور ڪم آڻي سگهجي ٿو. اميد ته توهان پنهنجن ابهم ٻارن کي پڙهي ٻڌائيندا ۽ ڀڀرئين ٻي درجي وارن کي پاڻ پڙهڻ لاءِ هرڪائيندائو. ڪتابن سان ننڍي لاڪون ئي دوستي انسان تي جيڪي خوشگوار اثر ڇڏي ٿي، سي سيڻي جي آڏو پڌرا آهن.

**حبيب سنائي**

# پاڳ پري

ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي ته هڪڙي ننڍڙي ڇوڪري هوندي هئي. جنهن جو نالو هو پاڳ پري. هوءَ پنهنجي ماءُ سان گڏ هڪڙي ٻيلي پرسان رهندي هئي.

هڪ ڏينهن هن جي ماءُ کيس چيو،”تنهنجي ناني بيمار آهي. تون ڪجهه ڪيڪ کڻي وڃ ۽ کيس ڏيئي اچ.“

هن جي ناني ٻيلي وچ ۾ رهندي هئي.

سو ننڍڙي نينگري اوڏانهن رواني ٿي. هوءَ جڏهن ٻيلي اندر پهتي، تڏهن اوچتو هڪڙو مڪار ٻگهڙ ٽپ ڏيئي ٻاهر آيو ۽ چيائين، ”ننڍڙي نينگري، تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

هن ڊڄي ڊڄي پنهنجو نالو ٻڌايو. پوءِ ان مڪار ٻگهڙ پڇيو، ”تون ڪيڏانهن وڃي رهي آهين؟“

پاڳ پريءَ وراڻيو، ”آئون پنهنجي نانيءَ کي ڪيڪ ڏيڻ پئي وڃان.“

اِهو ٻُڍي مَڪار ٻَگهڙُ تمامُ تڪو ڊوڙي ناني جي گهرِ ڏانهُن وِيو. هِنَ دَرَ تي ٺُڪِ ٺُڪِ ڪئي ته نانيءَ پڇيو "ڪيرُ آهي؟"

اُنَ تي هِنَ مَڪار پَنهنجو آواز بدلائي نَرمُ ڪَري چَيو "آئون ڳاڙهي پَري آهيان."

نانيءَ چيو "چڱو، ڀوءِ ڀَلي اَندَرِ اچ."

هُو ڊوڙي اندر گهڙيو ۽ نانيءَ کي کائي ڇَڏيو. هائو، هُو نانيءَ کي سَجو ڳِڙڪائي وِيو.

پوءِ مَڪار ٻَگهڙَ نانيءَ جي رات واري ٽوپي پاتي، ۽ نانيءَ جي عينڪ اکين تي چاڙهي، وَڃي نانيءَ جي بِسترِي ۾ ويٺو.

هاڻي ڳاڙهي پري به اَچِي نانيءَ جي گهرِ پهتي.

هِنَ نانيءَ جو دَرُ کڙڪايو ۽ مڪار ٻگهڙ پڇيو، "ڪير آهي؟"

هِنَ چيو، "آئون ڳاڙهي پري آهيان ۽ مون توهان جي کائڻ لاءِ ڪجهه ڪيڪ آندا آهن."

مڪار ٻگهڙ نرم آواز ۾ چيو، "مُنهِنجِي مِٺي اندرِ اَچُ."

ائين ڳاڙهي پري نانيءَ جي گهر اندر گهڙي. هن ٻگهڙ کي

ٺي پنهنجي ناني کري سمجهيو. هن پنهنجي نانيءَ جي اکين ڏي نهاري پُڇيو”او نانِي! اوهانجِيُون اکِيُون کيڏِيون نہ وَڏِيُون آهِن!“

”ان لاءِ تہ توکي چڱي نموني ڏِسِي سَگهان، مُنهِنجِي پياري!“ مڪار بگهڙ چيو.

پوءِ وري ننڍڙيءَ نينگر نانيءَ ڏي ڏِٺو ۽ چَيو، ”او ناني! اوهان جا ڪَنَ ڪيڏا نہ وڏا آهن!“

”ان ڪري تہ آئون توکي سٺي نموني ٻڌي سگهان، منهنجي پياري!“ مڪار بگهڙ چيو.

وري هڪ دفعو پيهَر ننڍڙيءَ نينگر نانيءَ ڏي نهاريو ۽ چيو، ”او ناني! توهانجا ڏند ڪيڏا نہ وڏا آهن!“

”ان لاءِ تہ توکي سُٺي نَمُوني کائِي سَگهان، منهنجي پياري!“ اهو چئي بگهڙ نينگريءَ کي کائڻ لاءِ بستري تان ٽپ ڏئي لٿو.

پر اُنَ وَقت هڪڙي ڪاٺيئر بگهڙ جي ڳالھ ٻڌي ورتي ۽ هُو ڪُهاڙِي کڻي دوڙي اندر آيو. اچڻ سان پنهنجي ڪهاڙيءَ سان بگهڙ کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو. خدا جي قدرت سان ناني اُتان جِيئَرِي نِڪِرِي آئِي.

ان کان پوءِ نانِي بِستري تي وَڃِي ويٺي ۽ انهن سيني چانهن ۽ ڪيڪ کاڌا.

ائين مڪار بگھڙ جي پڇاڙي ٿي ۽ انهيءَ سان هيءَ ڪهاڻي به ختم ٿي.

(آڪسفرڊ پريس ۽ جِنِ ڪمپني جي اشتراڪ سان ڇپايل ڪتاب Once upon a time ۾ ڏنل ڪهاڻي Little Red Ridinghood جو آزاد ترجمو.)

# جانوءَ ڦرهين وارو ڪانو

ڪنهن زماني جي ڳالھ آهي ته هڪڙو ڇوڪرو هوندو هو. جنهنجو نالو هو جانو.

هڪڙي ڏينهن جانوءَ جي ماءُ هن کي چيو، ”پاڻ ڏاڍا غريب ٿي ويا آهيون. پاڻ وٽ هڪ پئسو به نه بچيو آهي. تون پنهنجي ڳئون کاهي وڃي مارڪيٽ ۾ کپائي اچ ته جيئن ٻہ ٽي ڏوڪڙ ملي پون.“

جانو ڳئون کاهي روانو ٿيو. رستي تي کيس هڪ ننڍڙو پوڙهو ماڻهو گڏيو.

انهيءَ ننڍي پوڙهي ماڻهوءَ کيس چيو، ”مون کي اها ڳئون ڏي ته ان جي بدلي، آئون توکي جادوءَ وارا ٻج داڻا ڏيان.“

ائين جانوءَ ان کي ڳئون ڏيئي جادو وارا ٻج داڻا ورتا. جڏهن جانو گهر پهتو، تڏهن سندس ماءُ اهو احوال ٻڌي، مٿس ڏاڍي ڪاوڙي ۽ چيائين، ”مون ڳئون پئسن لاءِ ٿي کپائي. هي ٻج داڻا ڪهڙي ڪم جا!“

ھن انھن جادوئي ٻج داڻن کي دريءَ مان ٻاھر اڇلائي ڇڏيو. ۽ سزا طور جانو کي ٻُکئي پيٽ سمھڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو!

ٻئي ڏينھن صبح جو جانو ننڊ مان سجاڳ ٿي، دريءَ مان ٻاھر نھاريو. ھن ڏٺو تہ ھڪڙو رات وچ ۾ وڏو ٻين اسٽاڪ يعني ڦرھي وارو ڪانو نسري وڃي آسمان تائين رسيو ھو.

”مونکي انھيءَ ٻينِ اسٽاڪ تي چڙھڻ گھرجي.“ جانو دل ۾ چيو.

ائين جانو مٿي چڙھندو ويو، چڙھندو ويو ۽ وڃي چوٽيءَ تي پھتو.

ان وڻ جي چوٽيءَ تي جانو کي ھڪ ڊگھو رستو ڏسڻ ۾ آيو. ان رستي جي آخر ۾ ھن ھڪ ديو جو گھر ڏٺو.

”ڏسان تہ ھن گھر ۾ ڪير ٿو رھي.“ جانو چيو.

ائين جانو ان ديوَ جي گھر اندر ويو.

ٿوري وقت کان پوءِ ديو ڦوڪاريندو ۽ آوازيندو آيو:

”فِي فِي فو فم! مون کي ھڪ ٻار جي رت جي ڌپ پئي اچي، ھو مئل ھجي يا ڪٽي زنده ھجي، آئون ھن جي جسم جا ھڏا پيھِي ان مان پنھنجي ماني ٺاھيندس.“

اھو ٻڌي جانو ٻوڙ وغيره رڌڻ واري مشين يعني اووِن ۾ لڪي ويو. ۽ ديو بہ پنھنجي سونَ واري ٿيلھي ساڻ

پرسان ئي ويهي رهيو. ٿوري وقت کان پوءِ ديو کي ننڊ اچي ويئي. جانو انهيءَ اوون مان ٻاهر نڪتو.

”مون کي اها سون واري ٿيلهي کڻڻ گهرجي.“ هن چيو.

ائين جانوءَ اها سون واري ٿيلهي کنئي ۽ هيٺ لهي آيو.

ان کان پوءِ جانو ۽ سندس ماءُ غريب نه رهيا. اُنهَن ان سون مان هڪ ڳئون ورتي ۽ تمام گهڻا ڪاٽا خريد ڪيا.

وري هڪ ڏينهن جانو دل ۾ چيو، ”مون کي هڪ ڀيرو وري ان وڻ تي چڙهڻ گهرجي.“

ائين هو ان وڻ تي چڙهندو ويو، چڙهندو ويو ۽ وڃي چوٽيءَ تي پهتو. اڳي وانگر هو ڊگهو روڊ لتاڙي ديو جي گهر اندر گهڙيو. ٿوري دير کانپوءِ اهو ديو ڦوڪاريندو ۽ آوازيندو آيو:

”في فِي فو فم! مون کي هڪ ٻار جي رت جي ڌپ پئي اچي. هو جيئرو هجي يا مئل، آئون هن جي جسم جي هَڏين کي پِيهي ان مان پنهنجي ماني ٺاهيندس.“

جانو هن ڀيري به اوون ۾ لڪي ويو. پر اهو اڄ گرم لڳو پيو هو! ديو جادوءَ واري ڪُڪِڙِ سميت پرسان ئي ويهي رهيو. هن ڪڪڙ کي چيو، ”بيضو لاهه.“ ۽ جادوئي ڪڪڙ سونو بيضو لاهي ڏنو. جهٽ ۾ ديو سمهي پيو ۽ جانو ٻاهر نڪتو.

”مون کي اها ڪڪڙ کڻڻ کپي.“ جانو چيو.

ائين هن جادوئي ڪڪڙ کي ڪنيو ۽ هيٺ لهندو، لهندو زمين تي اچي پهتو.

هاڻي جانو ۽ سندس ماءُ اجان وڏيڪ شاهوڪار ٿي ويا. جادوئي ڪڪڙ انهن کي سونو بيضو لاهي ڏيندي هئي، جنهن کي وڪڻي، هو ڪافي ناڻو حاصل ڪندا هئا.

وري هڪ ڏهاڙي جانو دل ۾ چيو، ”مون کي وري به ان وڻ تي چڙهڻ گهرجي.“

ائين هو ان وڻ تي چڙهندو ويو، چڙهندو ويو ۽ نيٺ ان جي چوٽيءَ تي وڃي پهتو. جانو ڏٺو رود لتاڙي، ديو جي گهر اندر ويو. ديو ڦوڪاريندو ۽ آوازيندو آيو:

”في فِي فو فم! مون کي هڪ ٻار جي رت جي ڌپ پئي اچي. هو جيئرو هجي يا مئل، آئون هن جي جسم جي هڏين کي پِيهي ان مان پنهنجي ماني ٺاهيندس.“

جانو لڪي ويو. اڳي وانگر ديو به پرسان ويهي رهيو. هن پيري هن وٽ جادوئي واڄو هو، جنهن راڳ ٿي ڳاتو.

جانو چيو، ”مون کي اهو جادوئي واڄو گهرجي.“

جيئن ئي ديو ننڊ ۾ پيو، جانو اهو واڄو ڪنيو. پر جانو جو هٿ جيئن ان واڄي ۾ پيو ته ان ڳائڻ شروع ڪيو، ”مدد ڪريو! مدد ڪريو!“

ديو جاڳي پيو ۽ جانو پويان ڊوڙڻ لڳو. جانو تڪڙو تڪڙو لهندو ويو ۽ ديو ٻه سندس پويان لڳو آيو. پر جانوءَ هيٺ لهي، جلديءَ ۾ ڪهاڙو کنيو ۽ ڪاني کي وڍي وڌو. نتيجي ۾ اهو ديو زمين تي ڪري پيو ۽ مري ويو.

ائين ديو ۽ ڪهاڻي جي پڄاڻي ٿي.

# ادرڪ ماني وارو نينگر

ڪنهن زماني ۾ هڪڙو پوڙهو ماڻهو ۽ هڪڙي پوڙهي عورت رهندا هئا. اهي پهاڙيءَ هيٺان نندي پراڻي گهر ۾ رهندا هئا. هو ان گهر ۾ اڪيلا هئا. ڪين ڪو اولاد نه هو.

هڪڙي ڏينهن پوڙهيءَ مائي پنهنجي مڙس کي چيو، ”آئون ادرڪ ۽ اٽي مان هڪ ڇوڪرو ٺاهيان ٿي. ان جي ڪوٽ لاءِ ڪنڊ جو تهه ٺاهيندس. آئون مصريءَ جي ٽُڪِرَن مان ان جون اکيون ۽ منهن ٺاهينديس. هڪ وڏي ڦشمش مان، آئون ان جو نڪ جوڙينديس. آئون اڪروٽن مان هن لاءِ جوتا جوڙيندس.“

ائين پوڙهي عورت ان جي پيرن جون آڱريون ٺاهيون. پوءِ ان جو ٽنگون ۽ ٻانهون سڌيون ڪيون. ان کي ٿئي تي رکيو. ان ڪان پوءِ هن ادرڪ ماني واري ڇوڪري کي ڪاڏي پچائڻ واري مشين (اوون) ۾ رکيو، ته جيئن اهو پچي تيار ٿئي.

”او، هوا!“ هن رڙ ڪئي. ”هاڻي مون وٽ پنهنجو ادرڪ ماني وارو ٻار هوندو.“

پوڙهو هوءَ پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳي ويئي. ڪجھ وقت کان پوءِ هوءَ اوون ڏي ويئي.

اوون مان آواز آيو، ”مون کي ٻاهر ڪڍو! ٻاهر ڪڍو!“

ان پوڙهي عورت ڊوڙي وڃي اوون جو دروازو کوليو. ان مان ادرڪ ماني وارو ڇوڪرو ٻاهر نڪري آيو. هو پٽ تي ٽينگ ٽپا ڏيندو رهيو. گهر جو در کليل ڏسي، هُو ٻاهر نڪري ويو ۽ گهٽيءَ ۾ ڀڄڻ لڳو. پوڙهو ماڻهو ۽ عورت ان جي پويان ڊوڙڻ لڳا. ۽ کيس چوندا رهيا:

”اي ادرڪ ماني وارا ڇوڪرا! بيهي رهه. بيهي رهه. مٺاءِ اسان کان نه ڀڄ.“

”نه!“ ادرڪ ماني واري ڇوڪري چيو. ”آئون نه ايندس ۽ آئون اوهان کان پري ڀڄي ويندس.“

ائين ادرڪ ماني وارو نينگر هنن کان ڀڄي ويو. هو ڊوڙندو ۽ ڊوڙندو رهيو. کيس هڪڙو ڍڳھوڪتو ڏٺيو.

ان ڪُتي کيس چيو، ”بيهه! بيهه! آئون توکي ڏسڻ گهران ٿو. هيڏانهن اچ، ادرڪ ماني وارا نينگر.“

ادرڪ ماني واري نينگر چيو، ”نہ! ڏڳها ڪتا، تون مون کي کائڻ ٿو چاهين. آئون پوڙهي مائيءَ ۽ ان جي مڙس کان ڀڄي آيو آهيان. توکان پڻ آئون ڀڄي ويندس.“

ائين ادرڪ ماني وارو نينگر اتان بہ ڀڄي ويو. وري کيس رستي ۾ هڪ ننڍڙي ٻڪري ملي.

ننڍڙي ٻڪريءَ کيس ڏسي چيو، ”بيهہ! بيهہ! آئون توکي ڏسان. ادرڪ ماني وارا نينگر، هيڏانهن اچ.“

ادرڪ ماني واري نينگر چيو، ”نہ! ننڍي ٻڪري، تون مون کي کائڻ ٿي چاهين. آئون پوڙهي مائي ۽ مڙس کان ڀڄي نڪتو آهيان. پوءِ آئون وڏي ڪتي کان بہ ڀڄي آيو آهيان. سو آئون توکان بہ ڀڄي ويندس.“

ائين ادرڪ ماني وارو نينگر اتان بہ ڀڄي ويو. هو اچي درياءَ تي پهتو. کيس ترڻ نہ ٿي آيو. اتي لومڙ بہ موجود هو.

لومڙ چيو، ”بيهہ! بيهہ! تون تري نٿو سگهين، پر آئون تري سگهان ٿو. آئون ترندس ۽ تون مون تي سواري ڪج. ادرڪ ماني وارا ڇوڪرا، هيڏانهن اچ. آئون تنهنجي مدد ڪريان.“

ادرڪ ماني وارو نينگر لومڙ جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ هن تي سوار ٿيو.

لومڙ چيو، ”ادرڪ ماني وارا نينگر، اجهو اسان دريا ٽپي رهيا آهيون. تون پوڙهي مائيءَ ۽ سندس مڙس کان ڀڄي آئين. تون وڏي ڪتي کان ڀڄي آئين، ۽ تون نندي ٻڪريءَ کان به ڀڄي نڪتين. پر تون هاڻي مون کان ڀڄي نه سگهندين! آئون ئي توکي کائيندس.“

اهو چئي لومڙ ان کي کائي هڙپ ڪري ڇڏيو.

ائين ڪهاڻي ختم ٿي.

*** پورو ٿيو ***